امير علي شاھ

# عبدالڪريم گدائي هڪ آدرشي شاعر

## REVOLUTIONIST POET
## ABDUL KAREEM GADAE

ABSTRACT

Abdul Kareem Gadaee has earned a high place amongst the literary and poetic lirks of Sindh by his idealistic poetry, which possesses a great appeal for the common masses, students as well as farmers.

Since Gadaee himself belonged to a poor down-trodden background, he has portrayed in his poetry all the miseries and sufferings of people around him, who were body exploited by the feudal lords and the evil elements of society. In fact, his poetry was a herald of renaissance which had a great spark as far as the reawakening of masses of Sindhi society is concerned. His poetic diction is unique and, without saying different from all the contemporary poets of his times.

Gadaee believed in the fabrication of Sindhi society on the basis of Social equilibrium, religious tolerance, humanism, peaceful co-existence and economic equality. These and some other subjects make Gadaee an idealistic poet of all times to come.

جڏهن کان انسانيت سرجي آهي؛ ڌرتيءَ جي گولي تي انسان جنم ورتو آهي، تنهن زماني کان انسان پنهنجي سُک، سلامتيءَ ۽ ڳيپي جي ڳولا لاءِ جاکوڙيو آهي. پوءِ ائين ٿيو آهي تہ ڪمزور ۽ هيٺي مٿان زبري ۽ طاقتور طبقن نڙيءَ تي لت رکي پيڙهيل طبقي جا حق غصب ڪيا آهن. نتيجي ۾ انهن ارهہ زوراين، ڏاڍ، جبر ۽ مڪر خلاف سچ سونهن، سوپ سُرت ۽ خوشبوءِ سان پيار ڪندڙ پنهنجي حساس دل اڻ کٽ سوچ ۽ فولادي عزم سان جابر قوتن سان مهاڏو اٽڪايو آهي. جتي ٻين قوتن جي پيٽي نہ رهي آهي، اُتي ظلم جي ٻاٽ ڪاري رات سان ادب ٻکين پيو آهي. اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن پنهنجي ڏات وسيلي مونجهہ، گهُٽ ٻُوسٽ جو سينو چاڪ ڪري پنهنجي رت، پگهر، پورهئي ۽ سُرت منجهان اهڙا انقلابي ۽ امر گيت، نظم ۽ شعر تخليق ڪيا آهن، جن انساني تقدير جي تبديليءَ ۾ يعني سماجي يا انساني ارتقا جي سفر ۽ بنياد ۾ پيڙهہ جي پٿر جو ڪم ڏنو آهي. اهڙن ئي عوامي انقلابي

سوپارن شاعرن مان عبدالڪريم گدائي بہ هڪ آهي جنهن جا شعر مظلومن جا هٿيار بڻجي ويا ۽ ڦهر ٽي ڪوڙ، فريب، مڪر ۽ جبر جي اونداهن ڪوٽن مٿان ڪڙڪيا، جيڪي سماجي اُٿل ۽ مخلوق جي ارتقا جي سفر ۾ وڏا زبرا قدم هئا.

عبدالڪريم گدائي 1901ع ڌاري ضلعي جيڪب آباد تعلقي ٺل جي گرم آبهوائن جي ڪلراٺيءَ زمين جي ڳوٺ ڪريم آباد ۾ هڪ غريب هاريءَ بجار خان لاشاريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس نالو جهنگ جهر ۾ مشهور ٿيو.

عبدالڪريم گدائي سنڌي پرائمري اسڪول ٺل مان 1911ع ۾ پنج درجا پاس ڪري جيڪب آباد ميونسپل جي ائنگلو ورنيڪيولر اسڪول ۾ داخل ٿيو. 1916ع ۾ جيڪب آباد جي اي وي اسڪول مان پنج درجا انگريزي پاس ڪرڻ کان پوءِ سکر جي ميونسپل هاءِ اسڪول کان ڇهون انگريزي پاس ڪرڻ بعد هڪ سال مئٽرڪ ۾ پڙهڻ کان پوءِ 1918ع ۾ اسڪول ڇڏي گهر واپس آيو. مختلف نوڪريون ۽ ڌنڌا بہ ڪيائين، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

1. پوليس ڪاتي ۾ ننڍو منشي
2. پوسٽ آفيس شڪارپور ۾ ڪلارڪ
3. سکر بئراج سکر ۾ ڪلارڪ
4. 1932ع ڌاري ٺُل ۾ ڪپڙي جو دُڪاندار
5. هوٽل بہ کوليائين جيڪو پڻ نوڪرن جي وَر چڙهي ويس.

”گدائي صاحب شروعات ۾ شاگرديءَ دوران خلافت تحريڪ کان متاثر هو. بعد ۾ سن 1932ع ڌاري طبيعت ۾ جوش اچڻ ڪري نوڪري ڇڏي وڃي ڪانگريسي تحريڪ ۾ شريڪ ٿيو. 1942ع تائين ٺُل ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪندو رهيو. ورهاڱي کان بعد هارين ۽ مزدورن تي ساڃيو ئي وڏيرن جو ظلم ۽ ستم ڏسي ضلعي هاري ڪاميٽي جيڪب آباد جو جنرل سيڪريٽري پوءِ ضلعي جيڪب آباد جي نيشنل عوامي پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ ان پارٽيءَ سان آڪٽوبر 1958ع تائين وابستہ رهيو.“ (1)

گدائي صاحب سنڌي ادب ۽ فن جي تاريخ ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪيو جو پُراڻين تحريڪن ڪانگريس، خلافت تحريڪ ۽ مسلم ليگ وغيرهہ کي نظرانداز ڪري رڳو سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ کان وٺي صوبائي آزاديءَ، ون يونٽ جي ڦهر سازيءَ ۽ وري صوبائي آزاديءَ واري دور ۾ فنڪارن ۽ شاگردن، اديبن ۽ شاعرن، دانشورن ۽ نوجوانن سان گڏجي تحريڪن ۾ حصو ورتائين.

گدائي بزم، محفل ۽ مجلس، جلسي ۽ جلوس ۾ هر موقعي تي نوجوانن سان گڏ رهندو آيو. گدائيءَ جي شاعري خالص اصلاحي ۽ انقلابي نوعيت جي آهي. خاص ڪري فرنگين جي ڦندن خلاف قلمي جهاد ڪيائين. سندس نظم جذباتي ۽ حق سچ

تي مبني آهن. پاڻ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ هڪ عوامي شاعر جي حيثيت ۾ ناماچار ڪيائين. ون يونٽ تحريڪ خلاف خوب آواز اُٿاريائين. هو هڪ قومي درد رکندڙ شاعر هو. ڪيس مسڪينن ۽ هارين نارين سان ٿيندڙ ظلمن ۽ ڏاڍاين جو پوريءَ ريت احساس هو. هميشه سندن حقن لاءِ آواز بلند ڪندو رهيو، جنهن تي پڇاڙيءَ تائين ڪارونجهر جيان اٽل ۽ اڏول رهيو.

سندس شاعريءَ جا مجموعا ساٽيهه جا سُور – 1965ع، پيماني تي پيمانو – 1974ع ۽ پڪڙا ۽ پنهوار - 1975ع سنڌي ادب ۾ چڱي جاءِ والارن ٿا.

گدائي صاحب لکي ٿو "جڏهن آئون 1920ع ڏاري پوسٽ آفيس شڪارپور ۾ ڪلارڪ هئس تڏهن جليانوالا باغ (1919ع ۾ جنرل ڊائر قتل عام ڪرايو هو) جي واقعي خلاف احتجاجي ڏينهن ملهايو ويو هو. هزارين ماڻهون هندو مسلمان مٿا اُگهاڙا ڪري لکي در کان جلوس ۾ نڪتا هئا. اِهو نظارو ڏسي منهنجي دل ڪانگريس طرف ڇڪجي وئي. پوءِ بهادرپور ۾ رهڻ وقت غريب هارين تي زميندارن جي ڏاڍ جي حالت ڏسي زميندار ڪلاس جي خلاف ٿيڻ لڳس. مون کي فخر آهي ته منهنجي شاگرد مير شاهل خان کوسي هارين کي هڪ لک رپين جو پراڻو قرض معاف ڪيو. آءٌ سمجهان ٿو ته اِن ڪارِ خير ۾ تحريص ڏيارڻ ۾ منهنجي تاثير ۽ تربيت جو به ڪجهه حصو هو." (2)

گدائي پنهنجي زرخيز زمين تي ڏاڍ ٿيندي ڏسي نه سگهيو. جيئن ڪو جبل گرمي سيني ۾ سانڍي آخرڪار ڦاٽ ڪائيندو آهي تيئن گدائيءَ جو قلم هر ظالم ماڻهوءَ ۽ بي انصاف ڪامورن خلاف اُٿيو. هي بار بار پنهنجي شاعريءَ ۾ مخاطب ٿي اِهو سُوال ٿو ڪري ته هي اسان جا سڀاجهڙا ماڻهو ۽ هي اسان جا هاري ۽ ناري ويچارا ڏبيل ڇو آهن ۽ ڇو مجبور آهن، انهن وٽ ڪو ذريعو ڇو ڪو نه آهي سندن معاشي ۽ سماجي غلاميءَ جا ٻنڌڻ ٽوڙڻ جو؟ آخر اِهو طبقو جيڪو ايڏو محنتي آهي اُهو بنيادي انساني حقن کان ڇو محروم آهي؟ اِهو غريب انسان معاشي ۽ اقتصادي طرح سان پريشان ۽ بدحال آهي. مطلب ته هو ڏکيو گذران ڪري ٿو ۽ حالتن کيس ڪنگال ڪري ڇڏيو آهي.

پريشان پورهيت ۽ بدحال آهي
غريبن ۾ ڪوڏي سندو ڪال آهي
ڪيو چور بازار ڪنگال آهي
جيا پو غريبن جو جنجال آهي
ڪفن پي ملي ڪو نه سگهن سُڄن کي
پڇين هم وطن ٿو ڇا منهنجي وطن کي؟
ساٽيهه جا سُور – ص 82

گدائيءَ جي شاعري اُنهن اميرن ۽ حڪمرانن جي ڪارنامن جي نہ پر انهن غريبن، مسڪينن ۽ هارين جي آهي جيڪي ائٽم بم ڦاٽڻ سان موت جو شڪار ٿين ٿا، جيڪي آزاديءَ جو خواب ڪٽي جنگ جوٽن ٿا پر انهن سان ويساهہ گهاتي ڪئي وڃي ٿي. اهي غريب سموري طبقاتي نظام جي جبر جو شڪار آهن. گدائي هڪ عملي انسان هو جيڪو پنهنجي ساٿيهہ، ديس واسين سان هر پل ظلم خلاف جدوجهد ۾ شامل رهندو هو. ٻي جنگِ عظيم ۾ بي گناهہ انسانن جو قتل ٿيندو ڏسي ٿو، جنگ خلاف شاعريءَ ذريعي اظهار ڪري ٿو ۽ جڏهن جنگ بند ٿئي ٿي تہ مُبارڪ ڏئي ٿو.

مـبـارڪـبـاد جـو اڄ دور آيـو شـادمـانـي جـو
ٻـڌو اتـحـادين سـهـرو فـتـح ۽ ڪـامـرانـيءَ جـو
مبارڪباد جو اڄ ظلم جون پاڙون ويون پـٽـجـي
مبارڪ خاتمو ٿيو جنگ جي بـيـدرد بـانـيءَ جـو

لاٽ ٻرندي رهي – ص 149

هو بار بار هارين کي سجاڳ ڪندي چوي ٿو تون زمين چيري منجهانئنس لعل ۽ گوهر اُپائين ٿو، تنهنجا ٻچا بکون ڪاٽن ٿا، سرديءَ گرميءَ ۾ ڏکيا رهن ٿا، ”تنهنجي ئي ووٽ تي وڏيرو وزارت تي پهچي ٿو ۽ تنهنجو ئي نمڪ کائي تو کي ئي ڏنگي ٿو. مطلب تہ هو پنهنجي شاعريءَ ۾ وڏيرڪي نظام جي سچي تصوير پيش ڪندي مظلوم کي پنهنجي اهميت ۽ سندس مان ياد ڏياري ٿو. مطلب تہ هو عالمي طور بدليل حالتن ۽ سوويت يونين جي انقلاب کان پوءِ سڄيءَ دنيا ۾ آيل تبديليءَ کان باخبر آهي ۽ متاثر آهي. خاص طور سان ترقي پسند ادب جو روح ان وقت اهو آهي تہ پورهيتن، مزدورن، غريبن، ڏتڙيلن، لاچارن ۽ بيوس انسانن کي اهو احساس ڏيارجي تہ هو بہ انسان آهن ۽ سندن محنت ۽ دم سان هيءَ دنيا تعمير ٿي آهي تنهن ڪري اُٺو ظالمن کان پنهنجو حق کسي وٺو ۽ گدائي وک وک تي پنهنجي شاعريءَ ۾ اِهو پيغام ڏئي ٿو.“ (3)

ٻيءَ عالمگير جنگ جي خاتمي کان پوءِ 1946ع ۾ هندستان ۾ پارليامينٽ جون اليڪشنون ڪرايون ويون. انهيءَ اليڪشن جو چرچو سنڌ ۾ بہ عام جام هو. اليڪشن جي موقعي تي وڏيرن ۽ جاگيردارن جي موقعي پرستيءَ جي کل لاٿي اٿس، انهن کي عوام وٽ ننگو ڪري بيهاريو اٿس. گدائي صاحب هارين کي خبردار ڪندي چوي ٿو:

وري آئـي الـيـڪـشـن ۽ وري زردار نـڪـري پـيـا
چڙي ٽُرا ڪُلهن تـي قـوم جـا پڳـدار نـڪـري پـيـا
سدائين جن ڪيون هارين ۽ مزدورن جون بربـاديـون
اُهي ٿـي قـوم جـا خـادم ۽ خـدمـتـگـار نـڪـري پـيـا

چهن سالن اندر ڪوئي نہ هاريءَ ڪان پڇڻ آيو
هزارين اڄ مگر هاريءَ سندا حقدار نڪري پيا
ڪڏهن اجلاس جي اندر نہ ورتئون نانءُ هاريءَ جو
هزارين پر وري اڄ ووٽ جا حقدار نڪري پيا

لاٽ ٻرندي رهي – ص 150

گدائي صاحب پنهنجي شاعريءَ وسيلي هڪ طرف هاريءَ ڪي شعور ڏئي سجاڳ ڪرڻ لاءِ پنهنجي عظمت، محبت، اهميت جو احساس ڏئي ٿو تہ ٻئي طرف سندس محنت تي پلجندڙ جاگيردار جي عياريءَ، مڪاريءَ، ظلم ۽ موقعي پرستيءَ جي اصلي تصوير سندس آڏو ڇٽي ٿو. اهڙيءَ ريت هو هاريءَ کي داخلي توڙي خارجي صورتحال کان آگاهہ ڪري سندس سماجي شعور پُختو ڪري ٿو. هاريءَ کي پنهنجي محنت جو احساس ڏياريندي چئي ٿو:

خبر ڀي آهہ ڪا توکي تہ تنهنجو محنتي بازو
زمين چيري منجهانئنس لعل ۽ گوهر اُپائي ٿو
ٻچا تنهنجا بکون ڪاٽن، مرن سرديءَ ۽ پاري ۾
وڏيرو تنهنجي دولت تي مگر رنڊيون نچائي ٿو
ڏيئي خونِ جگر انبار ڪڻڪن جا اُپائن ٿا
مگر تن کي مشقت جي ملي آهي جزا ڪهڙي؟
ٽڏي ڪوسيءَ سپن نانگن ۾ هر پنهنجو هلائن ٿا
اُگهاڙا پاڻ آهن پر هو ننگن کي ڍڪائن ٿا

لاٽ ٻرندي رهي – ص 163

گدائيءَ جو جنم اهڙي دور ۾ ٿيو جنهن ۾ انسانيت پنهنجو احترام، پنهنجي حيثيت وڃائي رهي هئي؛ غريب ماڻهو ڏاڍ جو شڪار ٿي رهيو هو؛ هاري ناري وڏيري جا زر خريد غلام سمجهيا ويندا هئا؛ وڏيري جي هر حڪم اڳيان ڪين ڪنڌ جهڪائڻو پوندو هو؛ هو هر ڪم وڏيري جي ذهن مطابق ڪندا هئا ڇڻ تہ ڪين پنهنجو ذهن هُئو ئي نہ.

”هيءُ اُهو دور هو جڏهن مذهبن ماڻهن کي مُنجهائي وڌو هو: ماڻهن کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ هو ڇا ڪن؟ ماڻهو افراتفريءَ جو شڪار ٿي ويا؛ مذهبن ماڻهن کي ورهائي ڇڏيو هو ۽ ان حد تائين پهچائي ڇڏيو هو جو اڳ جيڪي مختلف مذهب هئڻ جي باوجود پاڻ ۾ يائرن وانگر رهندا هئا؛ هڪٻئي جا پومي تهوار گڏجي ڪل خوشيءَ ۾ ملهائيندا هئا سي پوءِ اوچتي ئي اوچتي پنهنجا جاني دشمن بڻجي پيا.“ (4)

گدائي صاحب فرمائي ٿو:

نڪا هڪ ٻئي کان نفرت هئي، نڪا توڪبازي هئي
نہ جهيڙو جهاتڪي تي هو نڪا فتنا طرازي هئي
نہ ڪنهن مسجد ۽ مندر تي هلي تلوار بازي هئي
مگر هر قوم پنهنجي ڌرم ۽ مذهب تي راضي هئي
اسان جو پاڻ ۾ ميناج هو اُلفت ۽ ايڪو هو
نہ هت باجي تي جهڳڙو هو نڪو شڌي جو ليڪو هو

لاٽ ٻرندي رهي — ص 207

گدائي پڪڙا ۽ پنهوار ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو: ”حميد سنڌيءَ پاران بسنت هال حيدرآباد ۾ گهرايل جشنِ روح رهاڻ جي جلسي ۾ يونيورسٽيءَ ۽ ڪاليج جي تمام گهڻن شاگردن ۽ شاگردياڻين بہ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مون جيڪو انقلابي نظم پڙهيو اُن جو هيءُ بند جڏهن پڙيم:

چال ڏئي اڄ جاڳيا ڇورا
ڪوٺ ڪندا سي پورا پورا
سورهيہ سر ڪان ڏار اجان پيي ساڳيا ڙي

شاگردن جي جوش ۽ ولولي کي ڏسي منهنجون اکيون آب هاري وينيون ۽ سوچيم تہ هينئر سنڌ ۽ سنڌين کي ڪا بہ طاقت وڌيڪ وقت لاءِ غلام بڻائي نہ ٿي سگهي. سندس سماجي ۽ سياسي هلچل کي ڏسي قمر شهباز هن طرح خراج تحسين پيش ڪري ٿو: ارنيسٽ هيمنگوي جو جڳ مشهور ڪتاب ”ڪراڙو ۽ سمنڊ“ پڙهيو گهڻو اڳ هئم پر سمجهہ ۾ تڏهن آيو جڏهن گدائيءَ سان گڏيس.“(5)

هي همسفرو آواز ٻُڌو!
اڄ جيجل ماءُ پُڪاري ٿي
اڄ سانگيئڙن جا سُو ڏسي
هيءَ نير اکين مان هاري ٿي

لاٽ ٻرندي رهي — ص 301

ڇا تہ غضب جو سرور ۽ مستي آهي گدائيءَ جي شاعريءَ ۾: نہ ڪو ناهہ نوهہ ۽ نہ ڪا مصنوعيت، بلڪِ پڙهندڙ ائين محسوس ڪري ٿو جڻ هن جي اندر جي ڳالهہ آهي. جيڪا دانهن صدين کان خوف سبب دل ۽ دماغ جي خفيا تهن ۾ لڪل هئي اُها هڪدم پڙڪو ڪائي ٻاهر آئي آهي.

گدائيءَ جي گيتن ۽ غزلن جي صورت ۾ گدائيءَ جي شاعري عام ۾ خاص آهي تہ خاص ۾ عام آهي. هن جي خيال جي بلندي ۽ سوچ عقابي آهي جيڪا نگاهہ پٽر کي پاڻي ڪري ڇڏي ٿي. هو انساني نفسيات تي دسترس رکي ٿو: سندن اندر ۾ جهاتي پائي خيال چٽي ٿو.

نيث گدائي ٻارڻ ٻرندا!
مظلومن جا وارا ورندا!
ڪنڌن مان ٿي قول اُپرندا!
ظالم سڙندا، ڳرندا، مرندا!
سانگي ٿيندا شاد، دنيا ۾ نيث ته ٿيندو داد

لاٽ ٻرندي رهي (شاعريءَ جو ڪُليات) ص 300

عبدالڪريم گدائيءَ کي ڏاڍ ۽ ڏمر، زور ۽ زبر، جابر ۽ جبر، فتني ۽ فساد توڙي نفاق ۽ نفرت سان نفرت هئي. هو پاڻ مروت ۽ محبت جو شاعر هو.

سمو ڪو اهڙو اچي اهڙو ڪو اهتمام ٿئي
الاهي! رسمِ محبت جهان ۾ عام ٿئي
رهي نه جنگ جو فتنو فساد عالم ۾
هجي پيار جو سودو هتي ۽ عام ٿئي
سين دلين ۾ هجي شل نفاق سان نفرت
هميشه امن و محبت جو احترام ٿئي
نه ڏاڍ ڪو به ڪري، ظلم ڏاڍ هيٺن تي
جهان ۾ جلد ڪو جاري اهو نظام ٿئي. (6)

گدائي صاحب جي تيز نگاهه چاتو ٿي ته بالادست طبقن جي ڏاڍ ۽ ارهه زورائين ذريعي مسڪين ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ۽ عام انسان ڏينهون ڏينهن مالي طور ڪمزور هئڻ ڪري مسئلن جي ڪاڙهه ۾ ڳرندو ۽ جهُرندو پيو وڃي ته ٻئي طرف خوشحال طبقي جي فردن جو ٺاٺ باٺ ڪلف لڳل ڪمرڪي ڪپڙا ۽ جيپن جو ذرڙاٽ وڌندو پيو وڃي. اهو اقتصادي طور هڪ طبقي جي بدحاليءَ ۽ ٻئي جي خوشحاليءَ جو عجيب مثال آهي. گدائي صاحب ان ماحول جي عڪاسي ڪندي فرمائي ٿو:

نڪمو سڄو ڏينهن موٽر ڍُڪائي
سڄو ڏينهن سڙڪن جي چائي ٿو پائي
ڪمائي غريبن جي هردم اُڏائي
ڪري ٿو هڙپ جيڪي ڪُڙمي ڪمائي
وڏيرن جي هئيت به آهي نرالي
تمنچو ڳچيءَ ۾، ڪُلهي ۾ دونالي

لاٽ ٻرندي رهي – ص 185

گدائي صاحب ڪنهن به طرح مثالن، تشبيهن ۽ ڳجهارتن ۾ لڪي لڪي ظالم جي ظلم جي ڳالهه ڪو نه ٿو ڪري پر کُليل، چِٽن، تلخ، ڪَرَن لفظن ۾ ڪوڙ

جي مُنهن ۾ ڏُوڙ وجهي ٿو. سڏيءَ توڙي اڻ سڏيءَ طرح سان پنهنجن منٽن ماروئڙن جي مثان مصيبت نہ ٿو ڏسي سگهي. سندن سختين ۽ سورن کي اکين آڏو پسي چپن تي چُپ جو تالو هڻي ڪو نہ ٿو رهي سگهي.

هُو پُراُميد آهي تہ ظلم جي رات آخر کُٽڻي آهي. ظالم ضرور نگهوسار ٿيندو ۽ مظلومن کي پنهنجو حق پلئہ پوندو.

هيءَ رات ڪٽڻ تي آئي آ، باقي بہ گذاري ويندا سين
پر ويندي ويندي سنڌڙيءَ جي، سينڌ سنواري ويندا سين
گهبرائڻ جي ڪا ڳالهہ نہ آ هي، مهلون آهن مڙسن لاءِ
ڏس اوپر کان ٿي باک ڦُٽي، هيءَ منزل ماري ويندا سين (7)

خدا پاڪ هر انسان ۾ وسي ٿو؛ ان حقيقي ذات جو جلو هر هنڌ جاري ۽ ساري آهي؛ رب پاڪ جي نظر ۾ گورا ۽ ڪارا انسان سڀ برابر آهن؛ سڀ جو مالڪ هڪ الله آهي. گدائي صاحب جي شاعريءَ ۾ وحدت الوجود جو عڪس نظر اچي ٿو؛ هو ذات پات، رنگ نسل، ساڙ، ڪدورت کي ترڪ ڪندي چوي ٿو تہ سڄي سنسار جو مالڪ رب سائين آهي ۽ هندو مسلم، سک ۽ عيسائي جوڙ سڀئي هڪ مالڪ جي آهي ۽ سڀ ۾ ساڳيو ئي يار آهي.

گورا ڪارا سڀ خالق جا
بانها آهن هڪ مالڪ جا
ڇا جي نفرت فخر وڏايون
مذهب پنهنجو پيار ، ٻڌايون سک جو ڪو سنسار

ذاتيون پاتيون فخر وڏايون
رنگ نسل جون سڀ اَرڏايون
آهن جنگ فساد جو باعث
زهر پريو پرچار ، ٻڌايون سُک جو ڪو سنسار

لاٽ ٻرندي رهي — ص 374

گدائي صاحب پنهنجي شاعريءَ ذريعي وڏيرن جي ڪردار کي تمام گهڻو ننديو آهي. هن ظالم وڏيرن ۽ بي انصاف ڪامورن کان تمام گهڻي نفرت ڪئي آهي. سندن نظر ۾ اهي ڪردار بي ضمير ۽ رشوت خور آهن. ٿوري فائدي جي ڪري پنهنجي ضمير کي وڪڻي ڇڏن ٿا ۽ عيش عشرت جي زندگي گذارن ٿا. وقت گذرڻ جي باوجود انهن ڪردارن ۾ ڪو بہ فرق نہ اچي ٿو. مطلب تہ انهن وڏيرن جو ڪردار ساڳيو ئي آهي.

گدائي صاحب فرمائي ٿو:

زور ظـــلـــم ۾ ســـيـــنـــي زوري
رشـــوتـــخـــوري ڪـــيـــر ڪـــتـــوري
ڪامورن ڪردار اجا پيي ساڳيا ڙيي!
امـــن امـــان جـــو ڍنـــگ رچـــائـــي
جــڳ جــي اک ۾ سُــرمــون پــائــي
مظلومن تي وار اجا پيي ساڳيا ڙيي!

لاٽ ٻرندي رهي – ص 388

گدائيءَ عوام جي ڏکن، ساٺيهه جي سورن، پڪڙن ۾ پنهوارن بابت بيباڪيءَ سان لکيو. ماروئڙن جا سور هن کي اهو چوڻ تي مجبور ڪري رهيا هئا جو چيائين ”آزاديءَ انگور ڪيڏيا ڪهڙا ڏيهه ۾؟“ گدائي هڪ اهڙو جهونجهار هو جنهن زندگيءَ جي ڪٺن سفر لاءِ چيو:

سـفـر زنـدگـيءَ جـو ڪـٺـن هـو گـدائـي
بـهـر طـور گـذريـو گـذاري ڇـڏيـوسـيـن

مسڪينيءَ، بک ۾ بيروزگاريءَ جي خاتمي لاءِ جيڪي غريبن کي سبز باغ ڏيکاريا ويا هئا اُنهن جو تعبير هيءُ نڪتو:

آزاديءَ آنـدا سـنـيـهـا سـورن جـا
لکـيـن بـيـمـاريـن ڪـيـا مـاروئـڙا مـانـدا
پل نہ هڪ واندا ڳيپي جي ڳڻتيءَ کان (8)

گدائي صاحب انسان جي عظمت کي سچو سمجهي ٿو: ميٺ محبت واري مذهب جو معتقد آهي: امن ۾ اُلفت جو دل جي گهراين سان آڌرڀاءُ ڪري ٿو. جڏهن هاري، مزدور ۾ غريب تي ظلم ٿيندي پسي ٿو تہ انهن مظلومن جي ڏک ۾ درد کي پنهنجو ئي ڏک تصور ڪري ٿو. مطلب تہ انهن مسڪينن تي ٿيندڙ ظلم ۾ ڏهڪاءَ جي پسِ منظر هو گل و بُلبُل واري خيالي شاعري ڇڏي انسانيت جي پرچار ڪرڻ لڳي ٿو. ائين ئي هڪ سچو شاعر انسانيت جو شاعر هوندو آهي. جڏهن انسان جي دل ۾ انسانيت جو ڏک، درد ۾ تڪليف سمائجي ويندي آهي تڏهن خود بہ خود دنياوي لذتون تَرڪ ٿي وينديون آهن ۾ هو انسانيت جي خدمت ڪرڻ لڳندو آهي. ان ئي انسانيت جي ذريعي هو حقيقي محبوب جو جلوو پسندو آهي ۾ هر هڪ انسان ۾ رب سائينءَ جو جمال تصور ڪندو آهي. گدائيءَ جي شاعريءَ ۾ بہ اهو عڪس نظر اچي ٿو. پاڻ فرمائي ٿو:

ســـمـــايـــو جـــڏهـــن درد انســـان دل ۾
غـــم عشـــق جـــانـــان وســـاري ڇـــڏيـــوســـيـــن
مان غم انسان جو قائل، تون غم جـانـان سـنـدو

منهنجي دل ۾ ڪجھ نہ آهي دردِ انسان کان سواءِ
مون ٻُڌو آ شاعري جز ويست از پيغمبري

لاٽ ٻرندي رهي – ص 92

گدائي صاحب غريب، مسڪين ۽ هاريءَ کي هدايت ڪري ٿو: اي اٻوجھ هاريو! نہ گهٻرايو نہ ئي پريشان ٿيو: هيءَ زرخيز زمين اوهان جي آهي ۽ اوهان هن ڌرتيءَ جا مالڪ آهيو ۽ اوهان جو ئي حق آهي: نہ ئي ڪو هن سُهڻيءَ زمين تي ڌاڙو هڻي سگهي ٿو پر هاڻي بيداريءَ جي ضرورت آهي. هاڻي بہ اوهان هوشيار نہ ٿيا تہ اوهان جو مال وڏيرن هٿان لُٽجي ويندو: توهان بي خوف ٿي پنهنجن حقن لاءِ وڙهڻ شروع ڪريو تہ منزل توهان جا قدم چُمندي.

سُستي ڇڏي ڏيو سارا بيدار ٿي اُٿو
فرعونيت جي سامهون تلوار ٿي اُٿي پئو
غفلت ڇڏي ڏي غافل، هوشيار ٿي اُٿي پئو
هاري هڪل ڪرين تون! حقدار ٿي اُٿي پئو

پڪڙا ۽ پنهوار – ص 83

**نتيجو:**

گدائي صاحب هڪ باغي، آدرشي ۽ انقلابي شاعر ٿي گذريو آهي. هو سنڌ جي زرخيز زمين جو عوامي شاعر ۽ ڌرتيءَ جي مزدورن، شاگردن، نوجوانن، طبقاتي ڪشمڪش ۾ پڙهيل طبقي جو شاعر، جهانگين ۽ سانگين، مظلوم انسانيت ۽ سنڌي ٻوليءَ جو عوامي شاعر آهي. هن پنهنجي دور جي شاعرن کان هٽي ڪري زندگيءَ ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن جي باري ۾ سوچيو ۽ غور و فڪر ڪيو. هن پنهنجي شاعريءَ کي نواڻ ڏيندي حقيقي معنيٰ ۾ عوامي شاعري ڪئي يعني هن پيڙهيل طبقي ۾ ننڍڙڪن ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ڪندي مظلومن تي ٿيندڙ ظلم، ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ انهن بي سهارن کي بيدار ڪرڻ جا انقلابي نعرا هنيا. گدائي انتهائي غريب هوندي بہ خوددار ۽ باوقار انسان هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجن اهنجن جي ڳالھ ڪڏهن ڪا نہ ڪئي: هن هميشہ مظلومن، نادارن ۽ نٻل انسانن جي ڳالھ ڪئي.

**حوالا:**


1. گدائي عبدالڪريم، ”لاٽ ٻرندي رهي“ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2007ع ص 8
2. سيد جي ايم، جنب گذاريم جن سين، ڀاڱو ٻيو، 1979ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ص 122
3. ميمڻ غفور ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2002ع، ص 439
4. سومرو، شبير احمد، سنڌ سڄي سُرهاڻ آهي، گدائيءَ جي شاعريءَ جو اڀياس، گدائي اڪيڊمي جيڪب آباد، 2004ع ص 19
5. سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، نئين روشني، گدائيءَ جي شاعريءَ تي جديد تنقيد، گدائي اڪيڊمي جيڪب آباد، 2006ع، ص 42
6. کهڙو منظور حسين پروفيسر، شاعراڻو اڀياس، شاهہ حسين اڪيڊمي ڪراچي، 20102ع، ص 147
7. سنڌي عبدالمجيد ميمڻ، سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1996ع، ص 595
8. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر – سنڌي ادب جي تاريخ – (جُلد ٻيو) سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد – 2005ع – ص 546